


# آمريڪا وچڻ جي ٿِڪَسَ

October 7, 2007 at 10:13 am | In Autobiographical, Education, Sindhi, سنڌي |

## آمريڪا وچڻ جي ٿِڪَسَ

سال 1968 هوُندو. تنهن زماني ۾ ”وَن يوُنِٽَ“ پچڻ لاءِ سنڌين جي مَٿاڪُٽَ پي هلي. اُنهيءَ مُهِمَ سان مان بہ لاڳاپيلِ هومِ ۽ تنهن لاءِ وَسَ آهِرِ ٿورو ڪمُ ڪيُمِ. روز صبح جو ”جيئي سنڌ“ جا ٿپا ڪاگرَ تي هنيوُنِ سَيِنِ ٻارن کي قميِسَ جي گِيدي تي ٽانچِيءَ سان ٽُمبِي پارائيندو هومِ. حيدرآباد ۾ ورهيا رهي ٿيا هوُندا، اَمان بابا فيصلو ڪيو تہ ڪراچيءَ وچڻ سان سلامتي وڏيڪ ٿيندي جو مانکي انهن ڳالهين کان هميشا لاءِ موڙي ڪيِنَ سگهندا. منهنجي وڏي ڀاءَ جي خلاف اڳيئي ”پاڪستان جي دفاع قانوُن“ هيٺ چَالاَنُ وِڌو هُئَون ۽ تيِپَ ڏيڻ لاءِ ڳولهيائوُنسِ پي (سِي آئي ڊِي مان چالان نڪرڻ وارو هو تہ بابا کي ڪنهن سنڌِيءَ خبردار ڪري ڇڏيو هو. بہ سال پوءِ منهنجي ڀاءُ مهراڻ انجنرِي ڪاليج جي ”استوُڊنٽ يونين“ جو صدر چونڊيو ويو هو. تنهن ڪري قيدَ وچڻ بدران غائب ٿيڻ کان اِنڪار ڪيائين).

هاڻي يارهين ٻارهين ورهين جي ٻارَ کي جو پاڪستاني رهزنَ جهلي وچن، ۽ تڏهن نہ تہ بہ ٽي ورهيہ پوءِ، تنهن اِمڪانَ کان پاسيرو ٿيڻ ڪراچيءَ لڏڻ جو فيصلو ڪيائوُن. سوچيائون تہ اُتي سِڪوُلَ ۾ نہ سنڌي هوندا ۽ نہ اِهي ڳالهيون اُتي سگهنديِون. هِنَ ننديءَ عُمِرَ ۾ پڙهائي ڏانهن ڌيانُ وڌيڪ ٿيِڻ گهرجيسِ.



حيدرآباد جون يادين ۾ ڪراچيءَ جي رهڻي ڪرڻيءَ بابت ڪنهن ٻي وقت لکندس. اُتي ائين درجي جو اڌ سال ۾ نائين ڏهين حبيبُ پبلِڪُ سِڪولَ مان ڪيم. اِهو سِڪولُ شيعن ڪوليو هو ۽ هلائيندا هُيا. يارهين ٻارهين ڏيارام جيٺمل سائينس ڪاليج مان ڪيم.

قسو ڪوتاهُ ـ جي شڪارپُورَ ۾ سنڌي سنسڪرتي ۽ ٻولي جي ساڃاهه آرنيَ هئي، ۽ حيدرآبادِ ۾ سنڌي قومَ ۾ سياسي حالتن جي، تہ ڪراچيءَ ۾ نہ رڳو پناهگيرن جي سوچ پرَ ٻاهرين دنيا جي وڌِيڪَ پروڙ پيم.

ننڍي هوندي شڪارپورَ وڃڻ کان اڳُ اٽڪل پنج ڇهہ ورهيہ ڪراچيءَ رهيو هُوندمِ. تنهن وقت امان "ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ" جي گڏجاڻين لاءِ آچرَ آچرَ ويندي هئي (پاسي سوسائٽيءَ جي ڪراچيءَ ۾ عمارتَ ۾ ڪِن ٿاپيندڙن جي ڏيک جي هِڪَ چٽائي) . مان پنجن کان ستن ورهين جو هوندمِ تہ ڪيئي وار مانکي بہ وٺي ويئي. جڏهن امان گڏجاڻي ۾ ڳالڪُ ڏيڏُ هُوندي، مانکي پُستڪَ خاني ۾ ويهڻو پوندو هو. اُتي ٻارن جي ڪتابن جي هڪَ الماري هُئي جِن ۾ ڪي وگياني ڪتاب بي هُيا. تنهن وقتَ کان آمريڪا مان نڪتلِ وگيانيِ (سائنسي) ۽ ڳُڻت گيانيِ ٻارن لاءِ ڪتاب پڙهڻ جو شونق ٿيوم.

اِنهن ڪتابن ۾ رنگا رنگي فوٽوُن ۽ چِٽايون هونديون هوُن. ياد اٿم تہ هڪَ ننڍن ٻارن جي ڪتاب ۾ نيوُٽنَ جا ٽي مادي گيان قائدا هُئا جِن سوچ تي چڱو اثر وڌو. ٽِن نيوُٽن جي ڦولاريَلَ قانونَ مان ٽيون قانوُنُ هو تہ هر عَمَلَ جو برابر ۽ اُبتڙ پلٽاءُ نڪري، معنا جڏهن هڪ شئي ٻِيءَ شئي تي زور وجهي تہ اُها ٻي شئي ساڳيو جوابي زور پهرين شئي تي اُبتي پاسي هڻي (اِهو جڙ مادي شَيُن لاءِ ڪرمَ نيائِڻَ جو قانوُنُ ٽيو- اَهڙِي تشبيهَہ پنهنجي چاچا آغا صوفي جي ڪنهن مقالي ۾ ڪي ورهيہ پوءِ پڙهيم.)




هِنَ قانوُن جو پهريون مِثالُ هڪَ ڇِٽَ سان ڏِنلِ هيو جنهن ۾ ماڻهون جو هڪُ پيرُ ڪپ تي آهي، ۽ ٻيو ٻيڙيءَ ۾. پوءِ ڳالهہ ڪئي ويئي تہ جڏهن ماڻهون سُڪيِءَ تي زور ٿو هڻي تہ سُڪيِ ماڻهون کي ساڳيو زور پَلٽاءُ ٿي ڪري، تنهن سان ماڻهون سُڪيءَ کان پري وڃي ۽ ٻيڙي کي پري وڃڻ جو زورُ لڳي (سوالُ- ٻيڙيءَ تي جو زور پيو، تنهن جي پَلٽاءَ جو ڇا ٿيو؟). ساڳي ريِتِ راڪيٽُ ڌرتيِءَ کي زور هڻڻ سان مٿي وڃي. ياد ٿَم تہ اِنهيءَ قانوُنَ تي گهڻو ويچارُ ڪيُم. اِنهيءَ قانوُنَ کي ڏيهاڙو تجربي ۾ آزمايُم. اِهو اصوُل سچ بہ لڳيُم تہ عجب بہ.

توڙي اُتي اِهڙو رواج افسوس تہ ناهي، هِتي آمريڪا ۾ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهون ٻارن کي ٻن ورهين جي عمر کان سوَلا ڪتابَ پڙهي ٻڌائيندا آهن. سُمهڻَ کان پهرين اهڙا ٻہ چار ڪتاب پڙهبا. ٻہ ٽي ورهيہ

پوءِ ٻار پاڻ بہ پڙھن (تہ بہ وڏا جيسين ٻار ڏھن يارھن ورھين جا ٿين تيسين ڪتاب پڙھي ٻڌائيندا ھلندا اٿن جو وڏيڪ ڏکيا ڪتاب پڙھي، تنھن ۾ ڪِن ڏکين لفظن جي معنا ڏيئي سگھندا آھن).

سو ھِتي آمريڪا ۾ ھرَ ھفتي اسان پُستڪَ خاني چئن پنجن ورھين جي عُمرَ کان ٻارن کي وٺي ويندا ھُئاسين ۽ اُتي اٽڪلَ ڪلاڪ ويھون. ھرَ ھفتي ويھہ ٽيھہ ڪتاب بہ گھر وٺي اچُون. اِنھن سفا ننڍين ٻارن لاءِ ڪتابن ۾ رنگا رنگي فوٽوُن ۽ چِٽايون گھڻيون ھوُنديون آھِن. ھتي ھر ڳوٺ شھر ۾ پستڪ خانو ھوُندو آھي. ھيٺ ڏيکُ اَربانا جي شھر جي پستڪ خاني جو جاتي اسان اڳي رھندا ھُئاسين. اربانا ۽ شمپين جڙ سکرُ ۽ رُھِڙِي، ھاٽي گھرُ شمپين کان اڌ ڪوھُ ٻاھر ھوُندو. اربانا رھندڙ ماڻھن جي ڳڻپ اٽڪلَ پنجٽيھہ ھزار. ھر ھفتي لڳ ڀڳ ھِڪُ ھزارُ ڄڻا، تِن ۾ وڏا ۽ ٻارَ، پستڪ خاني ويندا آھِن. ھيٺ ٺَرڪَ ھٽندا تہ پستڪَ خاني ٻارَ ڏارڪَ جو ڏَسُ ڏسِي سگھندا.

http://urbanafreelibrary.org/departments/childrens

اسان جي مُلڪَ سنڌِ ۾ ماڻھوُن سوچن ٿا تہ ھِتي آمريڪا ۾ ٻار گھٽو ٿي وِيِ ٿا ڏسن. پرَ ھِتي ڀانتِ ڀانتِ (ڀين ڀين قسمن) جا ماڻھون رھِن. ھوشائِتن جا رواج ڀيا. اسان پارن جي گھرن ۾ ٿِي وِيِ بہ گھٽ ھلائبي آھي. ھفتي ۾ قدرت بابت، يا تاريخ، يا فنُ، ناچُ، ڪارستاني جھڙن شين تي ڪلاڪ بہ پروگرامَ گڏ ڏسندا ھُئاسين، ۽ چنچرَ جو ڪلاڪ ڏيڍُ ٻارن جي وِندرُ وارو ڪو پروگرامُ ٻار پاڻ

ڏسندا هُيا. ٻن ٽن مهنن ۾ ڪنهن فلمَ ڏسڻ وڃن. ڪينِ ڪتاب ۽ ٻاهر ڪيڏڻ جو شونقِ ائين وڌيو.




سو ڳالهه پي ڪيمِ تنهن وقت جي جڏهان مان ننڍو هوسِ. گهڻا ورهيه پوءِ جڏهن ڪراچي موٽي آياسي، وِلائِتي درسي ڪتابَ پڙهڻ جو شونَقُ ٿيوم. تِن ۾ مسئلا چڱا ملندا هَمِ جن تي سوچڻ ۽ حلُ ڪرڻ ۾ مزو اِيندو هيم. ٻيو تہ ڳٽت گياني ڪتابن ۾ ثبوتَ پِڻ هيا جن کي پڙهڻ سان دلِ کي هڪ طرح جي سانت لڳندي هئي تہ ڳالهہ ايئين چو آهي. ڏيهيِ ڪتابن ۾ ڪڏهن ثبوُت ڪائي ويندا هئا ۽ زورُ فارموُدا هٽي مثلا حل ڪرڻ تي هو. پوءِ انگ گيان ڪتاب پڙهڻ جو ڍنگ بہ سکي ويم . . . پهرين اُپَپاديہ (”ٿيِئَرمَ“) پڙهان ۽ پاڻ ثابت ڪرڻ جي ڪيان. پوءِ ڏِسان تہ ڪتابَ ۾ ڪهڙو ثُبوت ڪتبُ آندو اَٿِنِ ۽ تنهنجيِ ۽ پنهنجي ثبوتَ جيِ ڀيٽ ڪيان. ساڳي ريتِ وِگيان ڪتاب پڙهڻ جو بہ ڍنگُ سکيومِ. ڪڏهن ڪڏهن مانکان اُپَپاديہ جو ثبوُتُ پاڻ نہ ليندو هيو، توڙي تنهن تي ڪلاڪ بہ چو نہ هٽا. پوءِ ڪتابَ ۾ ثبوت پرهڻ سان ڏاڍو مزو اِيندو هومِ.

وِگيانُ سوچڻ ۽ سوال َ پُڇڻ سان سمجهہ اچي. ڳالهَہ کي پاڻ سمجهڻو پوندو آهي، ٻي جي آڌر تي نہ وٺبو. چوڻ جو مقصد اِهو ناهي تہ اِهي وگياني غلط آهن. توڙي تِن جي سمجهہ غلط چو نہ هُجي، ڪو ايئين سولائي سان تنهن ۾ چُڪَ ڪانہ ڏسي سگهبي، پرَ جي ويساهَہ تي ثبوتُ وٺبو تہ وِگياني پاڻ ڪڏهن ڪين ٿي سگهبو. ٻيو اُها سمجهہ بہ لانيري رهندي.

سائين سچلَ جي اصولن جو اِڳيئي اثر هيو. پوءِ ڪِرشنامُورتي نالي هڪ فلسفي جو ڪتاب ”ايدوڪيشن اينڊ دِي سگنيفيڪنسِ آف لائيف“ پڙهيم. تنهن چيو تہ تعليم جو مقصد سوچ ويچار ۽ ڪليل دماغ رکڻ. تنهن بدران تعليمَ ڪيترا ئي وارَ بند خيالن جو واڌارو ڪري ٿي. افسوسُ! اسان جي تعليمي نظامَ ۾ ٻارن جي مَنَ ۾ سوال اُٿارڻ، ڳالهيُن تي سوچڻ جي سَڏَ بدران يادڪ ڪرڻ ۽ ’ها ۾ ها مِلائڻ‘ تي عادِي ڪن ٿا.

چار پنج ورهيہ ٿيا هوندا تہ سائين موتي لعل جوتواڻي جي سنڌ جي صوفين بابت انگريزي ڪتاب ۾ سورويهن صدي شاعرَ شاه ڪريمَ جي بيت جو ترجمو پڙهيم جنهن ۾ هنَ ذات ڏني تہ جيڪي سوال پُڇي پاڻ پِتوڙين (پاڻ کي منڌِئَڙو هڻن) ٿا سي ويِرَ ۽ ڏاها آهن، جو ماڻهون ۾ چڱائي جڻُ ڪِيرُ ۾ مکَڻَ وانگي آهي. اِهو بيتُ مان سنڌيءَ ۾ نہ پڙهيو آهي، جي ڪنهن صاحبَ يا صاحبہ کي اِنهيءَ بيتَ جي پِروڙَهجي تہ ٻڌائيندا. لک ٿورا. قصو ڪوتاهُ ، سائين سچلَ (۽ تنهن ڪري ڪِرشنامورتيءَ ) جي هن وانُڪائي فلسفيِ اِنهيءَ پاڪستاني تعليمي نظامَ جي بُڇڙي اثر کان بچائي وِڌو.

سنڌي ۾ .هر متن سنڌيءَ ۾ پارهڻ گهرجي ڪيئي وارَ ڪئيِ آهي تہ اِها ڳالهہ مان اِڳي پارهڻ جو حامي مان انهيءَ ڪري بہ آهيان تہ ٻارَ پنهنجي ٻوليءَ ۾ سوال پُڇڻ کان گهٽِ ڪُڇڻان نہ مُنجهڻان. آهن هيسجندا.

ٻہ سال اڳُ نوبل انعام .نالي منهنجي يوُنيورسٽيءَ ۾ هڪ وڏو مادي گيان آهي ٽوني لِگيٿَ ڳالهہ ڪيائين تہ سندس بيچلرَ فلسفي ۾ نہ مادي گيان ۾ هُئي. تنهن کان تڏهن .ڪٿيائين ليگيٿَ ڳالهہ ڪئيِ .وڏيڪ شونقُ مادي گيان ۾ ٿِيُس ۾ تنهن ۾ اڳتي تعليم لاءِ ويو پوءِ

*“Philosophy helped me gain a sense of vision in the sense that I learned to ask questions (in order to understand my research)“*

ٿهيو سو ڳالهہ پي ڪيم. پاڪستاني وِگياني ۾ ڳٽت گياني درسي ڪتاب ناقص ٿي لڳيَم جو تڳو مسئلا حل ڪرڻ جو نُسخو ڏين (جڙُ ڪنهن تعام پچائڻ يا مستريپِٽي جو ڊانچو پيا ڏينِ) ۾ پوءِ پنيان اهڙا سوَلا سوال هُجَنِ جو بس فارمودي ياد ڪَرِ جڻ ڪو حسابي ڪلَ ۾ پروگرام پرٽو هجي ۾ تنهن ۾ انگ پرِ جڻ ڪا حسابي ڪلَ هلائٽيِ. تنهن ڪري جڏهن ٻاهريان درسي ڪتابَ ڏٺمِ تہ اِنهن کي پڙهڻ جو شونق لڳم جو تِن ۾ مسئلا وَنگاڙيندرَ لڳيمِ. پهريون اهڙو آمريڪي درسي ڪتاب ُ اٺين درجي ۾ حبيبَ سِڪولَ جي لائبريريءَ ۾ ڏِٺمُ. اُهو ڪتابُ جهُنبُ اَنوُمانَ (سيٿُ ٿيئريِءَ) تي هيو. جهُنبُ اَنوُمانُ هڪُ ڳٽت گيان ڏارڪَ آهي. تڏهن تازوِاهو موادُ پاڪستاني انگُ گيان درسي ڪتابن ۾ وڏو هُئائون جو ماستر کي نئين شئي پي لڳي.

توڙيِ اِهو ڪتاب پُستڪَ خاني ۾ ڪي ورهيہ پيو هوُندو ڪنهن ٻار ڪڏهن اِنهيءَ کي هٿ هڪ وار بہ نہ لاٿو هيو (هڪ تہ ڏسڻ ۾ نئون، ٻيو تہ هِڪُ ٽپو ۾ منجهسِ ڪونہ). توڙيِ پهرين شونق سان ڪنيو هومِ پرِ پانيان ٿو تہ پوءِ ڏيکائو ڪرڻ جو بہ ڪجهہ شونق لڳمِ. سِڪوُلَ جي بسِ اڏ منو ڪَلاڪُ وٺي وڃڻَ ۾ لڳائيندي هُئي، تنهن جو اڏُ وَقتُ مان اِنهيءَ ڪتاب ۾ مسئلا پڙهڻ ۾ حل ڪرڻ

۾ لڳائيندو هوم. ٻيا ٻارَ‌ِائين ڏِسن تہ هي ڇا پيو ڪري ۽ وائڙا ٿيندا ها تہ ڪو پنهنجي ليکي ڳڻت گياني ڪتابُ پيو پڙهي. پڙهائي جڻ ٻرو لڳين!

آمريڪا جي ڏُکي کان ڏُکي داخلا ڏيڻَ واريءَ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ ڪيئين ٿيو. اِها ڳالهہ وري پوءِ ڪندُمِ. پرَ ڳالهہ پڌري هجي تہ وِگياني شونقَ جي ڇِڪَ لڳڻ وڏو ڪارڻ هيو جو اِنهيءَ ڇِڪَ آمريڪا اچڻ جي ٽِڪَسَ بہ ڏياري. ٻيوُن واٽون پوءِ کولڻ لاءِ ڪي هٿَ پيرَ هنيم. تہ ڪُجهہ اَمُر ڏسُ ڏيکاريوُ پرَ گهٽوِانهن ٻنهي جو ڳڏجڻ ڇئجي. قسمت واٽ ڏيکاري. هٿَ پيرَ هٽيِ اِنهيءَ جي لاءِ وٺڻ انسانَ جو ڪمُ.

قسو ڪوتاهُ. سياڻي سچُ چيو آ

**جِنِ کي لڳِي آهي لنئوُن**

**چو نہ لُڇنديوُن؟**

**پيرا پنهلَ جا**

**چو نہ پُڇنديوُن؟**

(سائين محمدُ يوُسف هيءَ ڪافي ڳائيندو هُيو. جيڪا هاڻي ڪسيٽَ ڳولهي ٻڌڻ جو وري شونقُ ٿيومُ سو هاڻ هلانيا پيو. پانيان ٿو تہ هيءَ ڪافي مِٺلَ فقيرَ جي آ).